سلسلهٔ تقارير
مواعظ ڪريم
نمبر 7

# جيئي سنڌ

سائينم سدا ئين ڪرين مٿي سنڌ سڪار دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين (شاهه)



## سنڌ جا علماء مشائخ ۽ انهن جون خدمتون

تقرير

صاحبزاده **مُحَمّد ڪرم الله** قادري نقشبندي

المعروف (دلبر سائين) مدظلهُ العالي.

درگاهه فضل آباد شريف، ماتلي.

ناشر: بو علي پرنٽرس دربار فضل آباد شريف ماتلي ضلع بدين

سلسلہ تقارير

# مواعظ ڪَرَمِيہ

موضوع

# جيئي سنڌ

تقرير دلپذير ، پر تاثير

صَاحِبزادہ مُحَمَّد ڪرمّ الله اِلاهيؒ قادري نقشبندي

المعُرُوف (دِلبرسائين) مَدَّظلهُ العَالي.

درگاهہ فضل آباد شريف ، ماتلي .


لکندڙ:

نثار احمد خشڪ ڪرمي

ڀان سعيد آباد



ناشر :

بوعلي پرنٽرس دربار فضل آباد شريف ماتلي سنڌ


Scanned with CamScanner

كتاب جا جملي حق ۽ واسطا بو علي پرنٽرس وٽ محفوظ آهن

كتاب جو نالو : مواعظ كرميه بسلسله تقارير حضرت پير "**دلبر سائين**" مدظله العالي

عنوان : جيئي سنڌ

لکندڙ : نثار احمد خشڪ

ڇاپو : پهريون

تعداد : يارهن سو.

ڇپائيندڙ : فقير محمد نواز مجذوب

ناشر : بو علي پرنٽرس دربار فضل آباد شريف ماتلي.

هديو :

Scanned with CamScanner

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

موٽي مانداڻِ جِي، واري ڪَيائين وارَ؛
وِڄُون وَسَڻَ آئيُون، چَؤڏِس ۽ چوڌارِ،
ڪي اُتي ويئِيُون اِستَنبولَ ڏي، ڪي مَٽِيُون مَغرَبَ پارَ؛
ڪي چِمڪَنِ چِينَ تي، ڪي لَهَنِ سَمَرِقَنديُنِ سارَ؛
ڪي رَمِي ويئِيُون رومَ تي، ڪي ڪابُلَ، ڪي قَندارَ؛
ڪي دَهلِيءَ، ڪي دَکَنِ، ڪي گُڙَنِ مَٿي گِرنارَ؛
ڪَنهين جُنبِي جيسَلمِيرَ تان، ڏنا بيڪانير بَڪارَ؛
ڪَنهين ڀُڄُ ڀِڄائيو، ڪَنهين ڍَٽَ مَٿي ڍارَ؛
ڪَنهين آچي اَمرَ ڪوٽَ تان، وَسايا وَلهارَ؛
سائِيَمِ! سَدائين ڪَرِين، مَٿي سِنڌُ سُڪارَ؛
دوسَ! مِٺا دِلدارَ، عالَمُ سڀِ آبادِ ڪَرِين.

بسم الله الرحمن الرحيم

## ( پيش لفظ )

نحمده ونصلي ونسلم عليٰ حبيبہ الڪريم اما بعد

هي مقالو فيض رسالو، تقرير دلپذير، پُر تنوير ۽ پر تاثير مرشدي حضرت محمد ڪرم الله الاهي المعروف **دلبر سائين** دامت برڪاتهم العاليہ تيرهين فبروري 2009ع جمعي جي شام ڇنڇر جي رات بعد نماز عشاء سامهون پريس ڪلب شهر ٽنڊو محمد خان ۾ هڪ عظيم ميڙاڪي کي خطاب ڪندي فرمائي. جنهن جو عنوان هيو: "**جيئي سنڌ**" . جنهن ۾ پاڻ سنڌ جي عالمن ۽ مشائخن کي خراج عقيدت پيش ڪيائون. انهن جي ديني ۽ مِلي خدمات بابت مختصر مگر جامع بيان فرمايائون. مون سندن ان تقرير کي سي ڊي تان لکيو آهي تہ جيئن اُهي ڀائر جيڪي مجلس ۾ شريڪ نہ ٿيا هئا سي بہ سندن بيان پڙهي اندر اوجارن. شال مالڪ مهربان هن منهنجي هن محنت کي مون لاءِ نجات جو ذريعو بنائي. آمين .

بقلم

فقير نثار احمد ڪرمي

ڀان سعيد آباد 16/02/2009

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

الحمد لله وحده والصلاة والسلام عليٰ من لا نبي بعده اما بعد !

اصل ۾ هيءَ هن فقير جي هڪ تقرير آهي، جنهن کي فقير نثار احمد ڪرمي لکيو آهي. مون ان کي پڙهيو. ان ۾ ڪجهہ تبديليون ڪيون اٿم جملن جو ورجاءُ ڪاٽي گهٽي ڏيگهہ کي ختم ڪيو اٿم. جيئن اصل حقيقت ٿورن لفظن ۾ بيان ٿي وڃي. ڪٿي ڪٿي مواد جا حوالا بہ لکيا اٿم. تقرير ۾ ڪيل ڪن غير ضروري ڳالهين کي حذف ڪيو اٿم ۽ ڪن مفيد ڳالهين جو اضافو بہ ڪيو اٿم. هاڻي ان جي اشاعت جي اجازت ڏئي رهيو آهيان.

هاڻي هيءَ صرف هن فقير جي تقرير نہ آهي، پر هي منهنجي تحرير بہ سمجهڻ گهرجي. جنهن ۾ نوجوان نسل جي ذهنن ۾ ايرندڙ سوالن جا جواب ڏنا اٿم. حديث ۽ تصوف، ظاهر ۽ باطن جي علمن ۾ سنڌ جي عالمن جو ڇا ڪردار رهيو آهي؟ ان جي وضاحت ڪئي اٿم. عرب سنڌ تي ڇو ڪاهہ ڪري آيا؟ اسلام سنڌ کي ڇا ڏنو؟ وغيره جهڙن سوالن جا جواب ڏنا اٿم. ان سان گڏ سنڌ جي بزرگن جون ڪجهہ ڪرامتون بہ بيان ڪيون اٿم.

الله ڪريم منهنجي هن ڪاوش کي شال قبول فرمائي. آمين يا رب

فقير ڪرم الله الاهي قادري نقشبندي

دربار فضل آباد شريف ماتلي.

27 صفر 1430 هہ

Scanned with CamScanner

﴿ الله ﴾

اَلحَمْدُلِلّٰهِ العزيز الغفار والجليل الجبار والصلاة والسلام عليٰ حبيبنا محمدن المصطفي المختار صاحب التاج والمعراج وصاحب العزة والوقار صلواة الله وسلامه عليه وعليٰ آله وصحبه المهاجرين والانصار اشهد ان لااله الا الله وحده لاشريک له واشهد ان محمد عبده ورسوله اما بعد :

فاعوذ بالله من الشيطان الرجيم بسم الله الرحمٰن الرحيم

وَلَقَدْ كَتَبْنَا فِي الزَّبُورِ مِنْ بَعْدِ الذِّكْرِ اَنَّ الْاَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصَّالِحُونَ صدق الله مولانا العلي العظيم (الانبياء: 105)

اِنَّ اللّٰهَ وَمَلَائِكَتَهُ يُصَلُّونَ عَلَى النَّبِيِّ يَا اَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا صَلُّوا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوا تَسْلِيمًا

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ.

**حضرات علماءِ ڪرام و مشائخ عظام !**

**منهنجا پيارا دوستو بزرگو ۽ پائرو !**

سڀ کان اول آءٌ توهان سڀني کي هي ڳالهه گوش گذار ڪرڻ چاهيان ٿو تہ هي جلسو ڪو بہ سياسي جلسو ناهي. هي خالص مذهبي جلسو آهي. اسان جو ڪنهن بہ سياسي تنظيم يا ڪنهن بہ سياسي پارٽي سان، ڪنهن ترقي پسند يا تَنَزّل پسند پارٽي سان ڪو واسطو ناهي. اسين فقير ڪنڊ ۾ ويهي الله الله ڪرڻ وارا آهيون ۽ مون پنهنجي زندگي ۾ اڄ تائين بہ ڪنهن کي ووٽ ڪونہ ڏنو آهي.

**جيئي سنڌ** جي عنوان کي منتخب ڪرڻ سان بعض ذهنن ۾ اهي خيال آهن تہ آخر ڪهڙي ضرورت هئي ان عنوان کي منتخب ڪرڻ جي؟

Scanned with CamScanner

حقيقت هي آهي تہ اسان کي سنڌ ڌرتي سان پيار ۽ محبت آهي. ڇو تہ سنڌ جي مِٽي منجهان اسان پيدا ٿيا آهيون. اسان جي جسمن جا جزا سنڌ ڌرتي جي خمير مان جُڙيا آهن. ان ڪري اسان کي هن ڌرتي سان پيار ۽ محبت آهي.

اسان جو ايمان آ هي تہ پوري ڪرهٔ ارض تي اگر ڪا عزت واري ڌرتي، شان مقام ۽ درجي واري ڌرتي آهي تہ اها مدينہ منوره ۽ مڪہ مڪرمہ جي ڌرتي آهي ۽ مدينہ منوره جي گنبدِ خضراءَ واري ڌرتي ساري ڪائنات جي افضل ترين جاءِ آهي. ان ڳالهہ جي مٿان پوري امت جو اتفاق آهي. علماءِ اهلسنت، علماءِ ديوبند، علماءِ اهلحديث، بلڪ علماءِ نجد ۽ غير مقلدين سڀني جو ان ڳالهہ تي اجماع آهي تہ گنبدِ خضراءَ جي سرزمين، جنهن ۾ مديني وارو سائين ﷺ جلوه نما آهي اها ڌرتي ساري دنيا جي مسجدن کان پلي آهي. پر اها ڌرتي بيت الله شريف کان بہ پلي ۽ فضيلت واري آهي. ان ڌرتي سان اسان جو روحاني تعلق آهي. سرزمينِ حجاز، يا دنيا ۾ جيڪي مذهبي مقدس مقامات آهن، جن سان اسان جو روحاني تعلق آهي. انهن جي مثل اسان ڪنهن بہ ڌرتي کي نہ ٿا سمجهون.

انهن کان بعد اگر اسان جي نظرن ۾ ڪا محبت واري ڪا عزت واري ڌرتي آهي تہ اها اسان جي سهڻي سنڌ واري ڌرتي آهي. ڇو تہ "**سنڌ**" اها ڌرتي آهي، جنهن جي ڪُکِ منجهان الله جي ڪامل اڪمل ولين، عالمن، صالحن، عابدن، زاهدن، فقيرن، درويشن، صوفين، قطبن قلندرن ۽ الله جي برگزيده ٻانهن جنم ورتو آهي.

Scanned with CamScanner

سنڌ ڌرتي جي اندر چَپي چَپي تي الله جي ولين جا آستانا، دربارون ۽ درسگاهون آهن. سنڌ باب الاسلام آهي. سنڌ اهو وطن آهي، جو منهنجي دلبر محمد ڪريم ﷺ سنڌ وارن ڏانهن تبليغي خط لکيو هيو. مخدوم جعفر بوبڪائي پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي ۽ اها ڳالهہ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي بہ لکي آهي ۽ اها ڳالهہ مخدوم پير محمد رحمة الله عليه بہ پنهنجي بياض ۾ لکي آهي تہ جڏهن مديني واري سائين ﷺ دنيا جي بادشاهن ڏانهن تبليغي خط لکيا هئا تہ ان وقت پاڻ سنڌ وارن ڏانهن بہ خط لکيو هئائون ۽ مديني واري سائين جا اصحابي سنڌ ۾ بہ آيا هئا. هتي تبليغ ڪيائون ۽ هتي وفات ڪيائون. [1]

عهدِ رسالت مآب صلي الله عليہ وسلم واري اها نبوت واري ٿڌڙي هوا جيڪا حجاز منجهان گُهلي تہ ان جا خوشبوئدار جُهوٽا ۽ ان جي اها من موهيندڙ لذيذ خوشبوءِ وڻندڙ سُرهاڻ نبي ڪريم ﷺ جي دؤر ۾ سنڌ ڌرتي تي پهچي چُڪي هئي. پوءِ جڏهن محمد بن قاسم اسلامي لشڪر وٺي سنڌ ۾ آيو تہ سنڌ جا ماڻهو جيڪي برهمڻ راجا جي ڏاڍ کان اڳي ئي تنگ هيا تن اسلام ۽ مسلمانن کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. پوءِ تہ سنڌ امن ۽ آشتي راحت ۽ فرحت جو گهر بنجي پئي. هتي نبوي طريقو رائج ٿي ويو. سنڌ پنهنجي گود ۾ عالمن ۽ بزرگن پرورش ڪئي.

---

[1] وروي ان رسول الله صلي الله عليہ وسلم ارسل ڪتابة الي اهل السند الي قولہ وقبورهم الآن موجودة (جمع الجوامع) وجدت هذه الرواية مكتوبة بخط المخدوم جعفر البوبكاني وهكذا سمعت من حافظ بن المخدوم بايزيد قالہ المخدوم محمد هاشم التتوي (انظر بياض مخدوم پير محمد ص 426)

Scanned with CamScanner

بعض اهلِ علم چيو تہ: سنڌ جا ماڻهو نبي ڪريم ﷺ جي دؤر ۾ حج جي لاءِ مڪي پاڪ پهتا هئا. هڪڙو سنڌي ڪعبي جو طواف پيو ڪري ٻڌراڙي جو سادو ماڻهو هيو پڇا پيو ڪري جنهن نبوت جو اعلان ڪيو آهي اهو سهڻو نبي ڪريم ڪٿي آهي؟مديني واري سائين ﷺ ان سنڌي ماڻهو کي سڏي ان سان سنڌي ۾ ڳالهايو. فرمايائونس:

**ادا اوري آ**

سنڌ جي اها سهڻي ڌرتي آهي، جيڪا عالمن صالحن برگزيده ٻانهن، ولين جي ڌرتي آهي. مونکي هن ڳالهہ جو ڏاڍو ڏک پهتو آهي جو ڪنهن پاءُ طعنو ڏنو آهي تہ سنڌي جاهل آهن. سنڌي ڇٽ آهن. سنڌين وٽ علم ڪونهي سنڌي بزدل آهن. آءُ ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ سنڌي بزدل ناهن سنڌي جاهل ناهن. جيڪڏهن غور سان ڏسندئو تہ برصغير جي اندر جيڪي ديني درسگاهون ۽ درگاهون اڄ آباد آهن، اتي جيڪو فيض آهي ۽ جيڪو علم آهي، ان جو سرچشمو سنڌ آهي. برصغير ۾ جيڪي سايہ دار وڻ آهن، ماڻهو جن جي ڇانوَ ۾ سڪون وٺي رهيا آهن، انهن جون پاڙون اوهان کي سنڌ ۾ نظر اينديون.

**عزيزان گرامي!**

صحاح ستہ حديث جا ڇهہ مشهور ڪتاب جيڪي مدارس ۾ پڙهايا وڃن ٿا. بخاري، مسلم ، ترمذي ، ابودائود، نسائي، ابن ماجہ.

انهن ڪتابن منجهان ترمذي ۾ سنن ابن ماجہ ۾ سنن النسائي ۾ ، جن کي دنيا وارا پڙهن ٿا، پنجاپ وارا بہ پڙهن ٿا. هندستان وارا بہ پڙهن ٿا. عرب ۾ عجم

۾ يمن ۾ اهي ڪتاب پڙهيا ۽ پڙهايا وڃن ٿا، انهن ۾ ڪيئي اهڙيون حديثون آهن جن جا راوي سنڌي عالم آهن.

اگر سنڌين کي توهان جاهل ٿا سمجهو تہ پوءِ ترمذي ، ابن ماجہ ڇو ٿا پڙهايو؟ سنن النسائي جي حديثن جي سَنَدُن ۾ سنڌي مُحَدِثَن جون ڪوڙ ساريون حديثون اوهان کي ملنديون. مُسند احمد ۾ تہ ٽي سئو کان مٿي حديثون اهڙيون آيل آهن جن جا راوي سنڌي عالم ۽ سنڌي محدث آهن.

مثال طور ڏِسو سنن الترمذي باب الولاء والهبة ۾ حديث نمبر 2056 آهي، اها حديث سميت هن طرح آهي:

حَدَّثَنَا أَزْهَرُ بْنُ مَرْوَانَ الْبَصْرِيُّ حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ سَوَاءٍ حَدَّثَنَا أَبُو مَعْشَرٍ عَنْ سَعِيدٍ عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ تَهَادَوْا فَإِنَّ الْهَدِيَّةَ تُذْهِبُ وَحَرَ الصَّدْرِ وَلَا تَحْقِرَنَّ جَارَةٌ لِجَارَتِهَا وَلَوْ شِقَّ فِرْسِنِ شَاةٍ

نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ: تحفا ڏيو. ڇو تہ تحفا سيني جي ڪوٽ کي ختم ڪن ٿا. ڪا پاڙيسرڻ ڪنهن پاڙيسرڻ جي تحفي کي حقارت جي نظر سان ڏسي ڀلي ڪٽي ٻڪري جو کُر هجي.

**ابو معشر نجيح**

هن حديث جي سَنَدَ ۾ جيڪو ابو معشر جو نالو آيو آهي اهو ابو معشر سنڌي عالم ۽ محدث آهي، جنهن کان مروي حديثون اڄ پوري عالِم اسلام ۾ پڙهيون ۽ پڙهايون وڃن ٿيون. اهو نجيح بن عبد الرحمان هيو سندس ڪنيت ابومعشر هئي. اهو تبع تابعي هيو. حديث جي علم ۾ ، مَغَازي جي علم ۾ ، فقہ جي علم ۾ وڏي پايہ جو عالم هيو. ان ابو امامہ سهل بن حنيف کي ڏٺو هيو.

Scanned with CamScanner

سعيد بن مسيب کان حديثون ٻڌائين. محمد بن ڪعب قرظي کان درس پڙهيائين. ذهبي جي ڪتاب تذڪرة الحفاظ کي پڙهي ڏسو، ابن حجر عسقلاني جي ڪتاب تهذيب التهذيب کي پڙهي ڏسو تہ هن سنڌي محدث جو ڇا شان آهي؟ سفيان ثوري ۽ ابوربيع زهراني ، ليث بن سعد جهڙا محدث بہ سندس شاگرد آهن. [1]

---

[1] اهل علم جي ذوق خاطر ان سنڌي محدث کان مروي ڪجهہ حديثون سند سميت پيش آهن:

* اخرج ابن ماجه في سننه حَدَّثَنَا عَبْدُ اللَّهِ بْنُ سَعِيدٍ حَدَّثَنَا عَبْدُ اللَّهِ بْنُ إِدْرِيسَ عَنْ أَبِي مَعْشَرٍ عَنْ سَعِيدٍ الْمَقْبُرِيِّ عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ الرِّبَا سَبْعُونَ حُوبًا أَيْسَرُهَا أَنْ يَنْكِحَ الرَّجُلُ أُمَّهُ

* واخرج ابن ماجه حَدَّثَنَا أَنَسُ بْنُ عِيَاضٍ عَنْ أَبِي مَعْشَرٍ عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ كَعْبٍ وَمُوسَى بْنِ يَسَارٍ عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ قَالَ مَنْ حَمَلَ عَلَيْنَا السِّلَاحَ فَلَيْسَ مِنَّا

* اخرج احمد في مسنده حَدَّثَنَا عَبْد اللَّهِ حَدَّثَنِي مُحَمَّدُ بْنُ جَعْفَرٍ الْوَرْكَانِيُّ حَدَّثَنَا أَبُو مَعْشَرٍ نَجِيحٌ الْمَدَنِيُّ مَوْلَى بَنِي هَاشِمٍ عَنْ نَافِعٍ عَنِ ابْنِ عُمَرَ رَضِيَ اللَّه عنه قَالَ وُضِعَ عُمَرُ بْنُ الْخَطَّابِ رَضِيَ اللَّه عَنْه بَيْنَ الْمِنْبَرِ وَالْقَبْرِ فَجَاءَ عَلِيٌّ رَضِيَ اللَّه عَنْه حَتَّى قَامَ بَيْنَ يَدَيِ الصُّفُوفِ فَقَالَ هُوَ هَذَا ثَلَاثَ مَرَّاتٍ ثُمَّ قَالَ رَحْمَةُ اللَّهِ عَلَيْكَ مَا مِنْ خَلْقِ اللَّهِ تَعَالَى أَحَبُّ إِلَيَّ مِنْ أَنْ أَلْقَاهُ بِصَحِيفَتِهِ بَعْدَ صَحِيفَةِ النَّبِيِّ ﷺ مِنْ هَذَا الْمُسَجَّى عَلَيْهِ ثَوْبُهُ *

* واخرج احمد في مسنده حَدَّثَنَا يَزِيدُ أَنْبَأَنَا أَبُو مَعْشَرٍ عَنْ مُوسَى بْنِ عُقْبَةَ عَنْ عَامِرِ بْنِ سَعْدٍ عَنْ أَبِيهِ قَالَ رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ يُسَلِّمُ عَنْ يَمِينِهِ وَعَنْ شِمَالِهِ *

* وفي مسند احمد حَدَّثَنَا خَلَفُ بْنُ الْوَلِيدِ حَدَّثَنَا أَبُو مَعْشَرٍ عَنْ نَافِعٍ عَنِ ابْنِ عُمَرَ قَالَ مَرَّ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ بِطَعَامٍ وَقَدْ حَسَّنَهُ صَاحِبُهُ فَأَدْخَلَ يَدَهُ فِيهِ فَإِذَا طَعَامٌ رَدِيءٌ فَقَالَ بِعْ هَذَا عَلَى حِدَةٍ وَهَذَا عَلَى حِدَةٍ فَمَنْ غَشَّنَا فَلَيْسَ مِنَّا

* واخرج احمد في المسند حَدَّثَنَا هَاشِمُ بْنُ الْقَاسِمِ حَدَّثَنَا أَبُو مَعْشَرٍ عَنْ مُوسَى بْنِ عُقْبَةَ عَنْ سَالِمِ بْنِ عَبْدِ اللَّهِ عَنْ أَبِيهِ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ كُلُّ مُسْكِرٍ حَرَامٌ مَا أَسْكَرَ كَثِيرُهُ فَقَلِيلُهُ حَرَامٌ

Scanned with CamScanner

پاڻ مغازي جي علم جو امام سڏبو آهي. "مغازي" حضور عليہ الصلاۃ والسلام جي دؤر ۾ جيڪي جنگون ٿيون هيون انهن جي بيان کي مغازي سڏبو آهي، ان مغازي جو ماهر واقدي کي سڏيندا آهن. جنهن ڪتاب المغازي ٽن جلدن ۾ لکيو آهي.

پر واقدي جو استاد سنڌي عالم نجيح آهي، جنهن وٽئون ان مغازي جو علم سکيو. نجيح رحمۃ اللہ علیہ جي نمازِ جنازه وقت جي بادشاهہ هارون رشيد پڙهائي هئي.

**امامن جا امام سنڌي آهن**

سبحان الله اهلسنت جي اڳواڻ حضرت احمد رضا بريلوي رحمۃ اللہ علیہ جون سَنَدُون کولي ڏسو تہ سندن استادن ۾ ۽ مشائخن ۾ اوهان کي سنڌ جا عالم نظر ايندا. شيخ عبد الحق دهلوي رحمۃ اللہ علیہ جي استادن ۾ سنڌي عالم نظر ايندا. عجيب ڳالهہ آهي، جيڪو پنهنجي مرشدن کي جاهل چوي. پنهنجي اڪابر کي بي علم چوي تہ ان وٽ وري ڪهڙو علم هوندو. يا ان وٽ ڪهڙو فيض هوندو!!

**امام اوزاعي رحمۃ اللہ علیہ :** فقہ جا چار مذهب حنفي، حنبلي، شافعي، مالڪي انهن کان سواءِ هڪڙو پنجون فقهي مذهب امام اوزاعي جو آهي، جنهن جا مڃڻ وارا اسان جي بر صغير ۾ گهٽ آهن پر عرب ۾ اڄ تائين بہ اوزاعي جا پيروڪار اوهان کي نظر ايندا. اهو فقہ جو امام اوزاعي اصل ۾ سنڌي عالم آهي. عرب توڙي عجم ۾ پر پوري دنيا ۾ سندس پيروڪار اڄ بہ آهن. سنڌ جا اهي عالم بہ ٿي گذريا آهن، جن مسجد نبوي ۾ گنبذِ خضراءَ جي اڳيان

محبوب ڪريم ﷺ جي روضۂ اطهر جي سامهون ويهي، عربن کي علم پڙهايو آهي. هي ڳالهہ آءٌ بنا ڪنهن مبالغي جي ٿو چوان تہ مون يمن جي عالمن جون جيڪي استادي سندون ڏٺيون آهن، هندستان ، عراق ۽ شام جي عالمن جون سندون ڏٺيون آهن انهن جي استادي سلسلن ۾ سنڌي عالمن جا نالا ملن ٿا.

**شيخ عابد سنڌي**

هينئر هڪ ڪتاب آءٌ خود خريد ڪري آيو آهيان، جيڪو عرب جي هڪ عالم سائد بڪداش هڪ سنڌي عالم جي زندگي بابت لکيو آهي. ساڍا پنج سئو فل سائيز صفحن تي مشتمل ان ڪتاب مٿان لکي ٿو:

" الامام الفقيہ المحدث، الشيخ **محمد عابد السندي الانصاري** رئيس علماءِ المدينةِ المنورة في عصره"

هي اصل سيوهڻ شريف جو اهو سنڌي عالم آهي، جيڪو پنهنجي دور ۾ مدينہ منوره جي عالمن جو امام سڏبو هيو. جنهن يمن وارن کي فيض ڏنو. عرب عجم وارا ڪائنس مستفيد ٿيا. يمن ۾ تبليغ ڪيائين يمن جي بادشاهہ جي وزير پنهنجي نياڻي هن کي شادي ڪرائي. يمن جي بادشاهہ کيس قاضي القضاة يعني (Chief Justice) جي عهدي تي مقرر ڪيو. اڄ بہ دنيا جي استادي سلسلن ۾ سندس نالو اچي ٿو. حضرت مولانا احمد رضا بريلوي رحمة الله عليه جي سندن ۾ بہ سندن مشائخن ۾ هن سنڌي عالم جو اوهان کي نالو ملندو.

**حضرت احمد بن عبدالله ديبلي**

Scanned with CamScanner

هي اهو سنڌي عالم ۽ بزرگ آهي، جيڪو امام حاڪم جو استاد آهي، جنهن امام حاڪم حديث جو ڪتاب المستدرڪ علي الصحيحين لکيو آهي.
پيرين اگهاڙو هلڻ وارو هي سنڌي عالم ۽ عابد حديث جي ان امام جو استاد آهي. سنڌ ۾ فيض ورهائڻ بعد نيشاپور ۾ ويو اتي وڃي علم جي نور سان دليون روشن ڪيائين. سندس قبر بہ نيشاپور جي الحيره قبرستان ۾ آهي.
ايران عراق جي ماڻهن کي فيض ڏنائين شام جي ماڻهن کي فيض ڏنائين واهہ سنڌي عالم توهان جو شان.

پوري عالم اسلام جي اندر جيڪو علم حديث ڦهليو آهي، ان ۾ سنڌي عالمن جو نمايان حصو رهيو آهي. اڪثر سَنَدُن جي ڪَڙِي ڪٿي نہ ڪٿي وڃي ڪنهن سنڌي عالم سان ملي ٿي. سنڌي عالمن جي فيض جي روشني ڏيئي مان ڏيئو، لاٽ مان لاٽون ٻرنديون ويون جهان روشن ٿيو. سبحان الله !

**رجاءُ السنڌي**

سنڌ جو هڪ عالم آهي جنهن 321 هجري ۾ وفات ڪئي آهي. ان کي "رڪن من ارڪان الحديث" حديث جي ٿنڀن منجهان هڪ ٿنڀو سڏيندا هئا. اهو سنڌ منجهان نڪتو ايران ويو اتي اسفرائيني جي نالي سان مشهور ٿيو. هن جا ڪتاب جيڪي اڄ بہ سڄي دنيا ۾ پڙهيا وڃن ٿا اصل ۾ اهو عالم بہ سنڌ جو هيو. سبحان الله !

**شيخ ابوالحسن سنڌي**

اهو سنڌ جو برک عالم آهي، جنهن مديني پاڪ ۾ "دار الشفا" نالي هڪ مدرسو کوليو هيو. جنهن ۾ علامہ قاضي عياض جي ڪتاب " الشفا في حقوق

المصطفيٰ " جو روزانو درس ڏنو ويندو هيو. هي اهو عالم آهي جنهن مسند احمد جو شرح پنجاهه جلدن ۾ لکيو هيو. ان کان سواءِ ، پاڻ جامع ترمذي، سنن ابو دائود، سنن النسائي ۽ سنن ابن ماجه جا شرح ۽ انهن تي تعليقات لکيائين. مديني ۾ اڄ به اهو "امام السندي " جي لقب سان مشهور آهي. سندس لائق ۽ فائق شاگردن مان هڪ شيخ **محمد حيات سنڌي** به هيو. مصر، روم، شام، هنڌ ۽ سنڌ ۾ سندس علم جي هاڪ هئي.

**شيخ محمد قاسم سنڌي**

به سنڌ جو عالم آهي جنهن کي رئيس المحدثين جي لقب سان سڏيندا هئا. ڪهڙن جا نالا ڪڻجن اهي اهي عالم ۽ بلڪه استاد العلماءَ آهن جن جو فيض اڄ به دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل آهي. ڇو ته مديني واري مير کي سنڌي پيارا آهن. ڪين ساري امت پياري آهي. پر سنڌ جي ماڻهن سان محبوب عربي ﷺ جي خاص شفقت ۽ پيار آهي. ان ڳالهه کي وڏيڪ نه کولبو.

هڪ ڳالهه جو منهنجو ذاتي تجربو آهي، مونکي تقريبًا سترهن يا ارڙهن سال ٿيا آهن، الحمد لله ثم الحمد لله سال ۾ هڪ ڀيرو مدينه منوره حاضري ٿيندي اٿم. جيڪا موسم سنڌ جي ڏسي ويندوآهيان، ساڳي موسم مديني ۾ ملندي آهي. جيڪا موسم مديني جي ڏسي ايندو آهيان ساڳي موسم سنڌ ۾ هوندي آهي. مديني ۾ سردي هوندي آهي ته سنڌ ۾ اچي ساڳي سردي جي موسم ملندي آهي. عجيب اتفاق اهو مون پنهنجي مشاهدي ۾ ڏٺو آهي، مديني ۾ مينهوڳي هوندي آهي، جهڙ ڪڪر هوندا آهن ۽ سنڌ ۾ پهچندا آهيون ته اتي به جهڙ ڪڪر ملندا آهن. جيڪي ٿڌيون هوائون مدينه منوره

۾ گھلندي ڏسندو آھيان اھي معطر فضائون اسان جي سنڌ ڏي بہ الله ڪريم موڪليندو آھي.

عجيب يڪ رنگي آھي مديني جي موسم جي ۽ سنڌ جي موسم جي. عجيب يڪ رنگي آھي، مديني جي ماڻھن جي ۽ سنڌ جي ماڻھن جي. سنڌ جي ماڻھن جون عادتون مدينہ منوره جي ماڻھن جي عادتن سان ملندڙ ھونديون آھن. مھمان نوازي، پيار، شفقت، محبت، پاڀوه، ھمدردي ۽ رحم ۽ ڪرم جيڪو مديني جي ماڻھن ۾ رب رکايو آھي. ان جو فيض سنڌي ماڻھن کي بہ مليو آھي. ھي اوھان ڪجھ حديث جي علم ۾ سنڌي عالمن جي خدمتن بابت ٻڌو. ھاڻي وري ڏسو تہ تصوف ۽ روحانيت ۾ سنڌي بزرگن جو ڇا شان آھي؟

**بايزيد بسطامي جو مرشد سنڌي آھي**

ڪتاب اللُمع جيڪو تصوف جي ڪتابن ۾ سڀني کان آڳاٽو ڪتاب آھي، ان کي تصوف جي ڪتابن جي ماءُ سڏيو ويو آھي. ان ۾ شيخ ابونصر سراج طوسي رحمة الله عليه لکيو آھي تہ حضرت سلطان العارفين سيدنا بايزيد بسطامي رحمة الله عليه جو استاد ۾ مرشد شيخ ابوعلي سنڌي آھي. خود سيدنا بايزيد بسطامي رحمة الله عليه فرمائي ٿو تہ :

صَحِبتُ اَبَا عَلِي السِّندِي : مون ابوعلي سنڌي جي صحبتن جو فيض حاصل ڪيو. بايزيد بسطامي خود فرمائي ٿو تہ :

وَكَانَ يُعَلِّمُنِي التَّوحِيد وَالحقَائِق صَرفًا

اھو مون کي توحيد ۽ خالص حقيقتن جي تعليم ڏيندو ھيو.

Scanned with CamScanner

**حضرت ابو موسيٰ ديبلي**

ديبل بندر سنڌ جو رهواسي هيو. جنهن 261 هہ ۾ وفات ڪئي، اهو حضرت بايزيد بسطامي جو شاگرد هيو. سلطان العارفين بايزيد بسطامي کي فيض ڏيڻ وارو بہ هڪ سنڌي بزرگ آهي تہ ان کان فيض وٺڻ وارن مان بہ هڪ سنڌي بزرگ آهي. ڪتاب حلية الاولياء ۾ امام ابونعيم اصفهاني لکيو آهي تہ حضرت بايزيد بسطامي رحمة الله عليه جڏهن معرفت جون ۽ الله جي محبت جون ڳالهيون ڪندو هيو فرمائيندو هيو تہ منهنجي رمز کي منهنجي اسرارن پيو ڪو سمجهي نہ سمجهي پر منهنجو سنڌي مريد سمجهي ويندو آهي.

**شيخ احمد بن سنڌي**

سنڌ جو هڪڙو روحاني رهبر آهي نالو اٿس شيخ احمد بن سنڌي. جيڪو چوٿين صدي هجري جو بزرگ آهي. جنهن 359 هہ ۾ وفات ڪئي آهي. وڏو عابد زاهد، صالح، محدث ۽ مفسر هيو. سمعاني جو ڪتاب الانساب جيڪو عربي ۾ آهي، هينئر اهو ڪتاب مون مديني شريف مان گهرايو آهي. ان ڪتاب ۾ هن سنڌي عالم بابت وڏي واکاڻ لکيل آهي. ابونعيم حلية الاولياءَ ۾ ان جي ثنا ڪئي آهي. خطيب بغدادي تاريخ بغداد ۾ ان جي ثنا جا ڳڻ ڳايا آهن.

حافظ ابن اثير جزري ڪتاب اللباب ۾ ان جي تعريف ڪندي نہ ٿو ڍاپي. حديث جي امامن ان کي ثقو قرار ڏنو آهي. شذرات الذهب ۾ علامہ ابن حماد حنبلي ان جي واکاڻ ڪئي آهي. امام ابونعيم اصفهاني خود ان سنڌي عالم جي شاگردن مان آهي.

Scanned with CamScanner

لکي ٿو تہ پاڻ جڏهن دعا جي لاءِ هٿ کڻندو هيو تہ ان جا هٿ ڪڏهن خالي نہ موٽيا. اڃا هٿ کڻي دعا گهرندو هيو جيئن چوندو هيو تيئن ٿي پوندو هيو. ابو نعيم اصفهاني جو ڪتاب حلية الاولياء پوري عالمِ اسلام ۾ پڙهيو ءِ ويندو آ هر ليبريري جي زينت بڻبو آ ان ڪتاب جي مصنف جو استاد سنڌي عالم آهي. سبحان الله .

**احمد بن محمد حافظ زاهد ديبلي**

هي بہ ديبل سنڌ جو هڪ عالم عابد ءِ ولي الله آهي، جيڪو چوٿين صدي هجري جو بزرگ آهي، 373 هہ ۾ وفات ڪيائين. جنهن عالم جي خدمت ڇا هئي سنڌ منجهان فيض جو ڪڪر ٿي وڃي مصر ۾ اُٺو. پوءِ ايران ويو، مصر ويو مصر جا جيڪي ان وقت جا عالم ءِ مشائخ هئا اهي هن جا مريد ٿيا. هن جي حلقءِ درس ۾ آيا ءِ ان سنڌي عالم حديث جو علم وڃي اتي ڦهلايو. امام سُبڪي طبقات الشافعية الڪبريٰ ۾ هن عالم جي واکاڻ ڪندي لکي ٿو تہ :

پاڻ عابد زاهد ءِ حافظِ حديث هئا. علامہ ابنِ صلاح ان کي وڏو فقيہ ڪري لکيو آهي. وڏين ڪرامتن ءِ مڪاشفن جي صاحب هيو. آخري دم تائين قرآن پڙهندي پڙهندي دم ڏٺيءَ حوالي ڪيائين.

امام سُبڪي طبقات ۾ لکي ٿو احمد بن حافظ زاهد ديبلي ايڏو تہ وڏو عالم هيو ءِ صاحبِ ڪرامت هيو. الله تعالي جل شانہ ان جي زبان ۾ اهڙي تاثير رکي هئي جو جڏهن بيان ڪندو هيو تہ ماڻهن جي دلين تي ڇائنجي ويندو هيو ءِ جڏهن بيان ڪندو هو تہ خلق ان جي فيض مان فيضياب ٿيندي هئي ءِ اکين مان لڙڪ وهي پوندا هئا ايڏو وڏو عالم درزڪو ڪم ڪندو هيو. ڪنهن

Scanned with CamScanner

ڪان ڏنُ نہ ورتائين ڪنهن اڳيان سوال نہ ڪيائين درزڪو ڪم ڪندو هيو. ڪپڙا سبندو هيو ان مان پنهنجو گذر سفر ڪندو هيو ۽ حديث جو علم دنياوارن کي سيکاريندو هيو.

هي ڪجھ سنڌ جا عالم هئا جن سنڌ کان ٻاهر وڃي علم جو فيض ورهايو. وري ڀلا جي سنڌ ۾ اندر ڪٿي نظر ڪيو تہ سبحان الله

لنواري شريف کان ويندي روضي ڌڻي رهبر تائين. هالا کان سکر ۽ بکر تائين ڪراچي کان ڪشمور تائين سنڌ جو ڪهڙو ضلعو ڪهڙو تعلقو آهي جنهن ۾ وليءَ ناهن. ڪهڙو شهر ڪهڙو ڳوٺ آهي جتي الله جي دوستن جون درٻارون ناهن. پر ولي بہ اهڙا جو سبحان الله شينهن سُتا پيا آهن. هڪڙي هڪڙي وليءَ سڳوري جي تاريخ پڙهندا وڃو خدا جو قسم تہ حيرت جي حد نہ ٿي رهي تہ سنڌ جي عالمن جو ڇا ڪمال ڇا فيض ڇا رحمت ڇا برڪت انهن جي دنياوارن کي ونڊي ورهائي ڏني. سنڌ جي عالمن کي نهار تہ انهن جو مثل ڪونہ ٿو ملي. سنڌ جي صوفين ڏي نهار تہ اهڙا صوفي نہ ٿا ملن. سنڌ جي دانشورن ڏي نهار رب العالمين جل شانہ سنڌ کي دانش گاھ بنايو آهي. جيڪڏهن سنڌ جي علم، فهم ۽ مهمانوازي کي نهار واه واه جو رب جو رحمتون آهن. سنڌ جي مٿان سبحان الله جي سنڌي بزرگن جون ڪشف ۽ ڪرامتون ڏس تہ عقل حيرت ۾ آهي. جي سنڌ جي عالمن جي لکڻين کي ڏس سبحان الله سنڌ جي عالمن جا اکر توکي ائين لڳندا جيئن موتين جا داڻا پنن مٿان هاريل هجن.

**عجيب ڪرامت**

Scanned with CamScanner

منهنجي والدِ گرامي جا علم جا استاد حضرت مولانا محمد اسحاق ڪڙيائي رحمة الله عليه سندن ڳوٺ ڪڙيو غلام الله دادو ضلعي تعلقي خيرپور ناٿن شاھ جي اندر آهي. پاڻ جيد عالم هيا. سندن هڪ واقعو آهي تہ ڪو ماڻهو ڪين نڪاح پڙهائڻ وٺي ويو. پاڻ نڪاح پڙهائي آيا. ڪين خبر نہ رهي نڪاح تي نڪاح ٿي ويو.

پوءِ ڳالهہ ڪورٽ ۾ هلي وئي دادو جي سيشن جج وٽ ڪيس هليو. جج واڻيو هيو. جج کي بہ شوق ٿيو تہ مولوي کي ڪا سزا ڏيان. ڪيس هلندو رهيو. مولوي صاحب کي بہ پڪ ٿي وئي تہ جج مون کي سزا ڏيندو. سوچيائين تہ ڪنهن الله واري کان ڪا دعا گهرايان.

نگاہ ولی میں یہ تاثیر دیکھی * بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

یہ اللہ والے ہیں دیتے ہیں سب کچھ مگر ان سے لینے کا چاہیے ڈھب کچھ

درِ فیضِ حق بند جب تھا نہ اب تک ولیوں کی جھولی میں اب بھی ہے سب کچھ

ڪنهن ماڻهو چيس حيدرآباد ۾ تلڪ چاڙهي تي هڪ مست فقير ويٺو آهي ان کان وڃي دعا گهراءِ. مولوي صاحب حيدرآباد آيو، ڏٺائين تہ صفا نانگو فقير ويٺو هيو. مولوي صاحب چيو ان جي هيئت ڏسي مون کي سخت نفرت ٿي تہ هي نانگو ڪهڙي دعا ڏيندو؟ پرائي اگهڙ ڏسڻ بہ گناھ آهي. هن کان ڪهڙي دعا گهرايان. پوئتي هٽي بيٺس تہ مست مون ڏي نهاري چيو اڙي مولوي هيڏي اچ مونکي زور ڏي. مان پيو منهن لڪايان تہ پرائي اگهڙ تي نظر نہ پوي. دل ۾ سوچيان پيو تہ پرائي اگهڙ ڏسڻ ڏوھ آهي تہ مون کي ڏسي چيائين تہ ها نڪاح تي نڪاح پڙهڻ ثواب آهي، باقي فقير کي زور ڏيڻ گناھ

آهي. پوءِ آءُ پويان اچي پٺاڙن ڪي زور ڏنامانس. چيائين هاڻي وڃ بصرالدين سيوهاڻي وٽ تنهنجو ڪم اتان ٿيندو. مون چيو سائين مهرباني ڪيو دعا گهرو. چيائين چيو مانءِ تہ وڃ بصرالدين سيوهاڻي ڏي. مان موٽيس پوئتي. سفر ڪندي ڪندي سيوهڻ اچي پهتس بک بہ ڏاڍي لڳي هئي. سوچيان پيو اڄ جيڪر ٻہ ٻُسرِيُون هجن تہ ڪائي وجان.

سيوهڻ پهچي پڇيم تہ مخدوم بصرالدين سيوهاڻي ڪٿي آهي. چيائون اهو ٿو وڃئي. مون ڪي ڏسي چيائين:

”هان پاڻ ڪان ڪم نہ ٿيُسِ تہ وري توکي بصرُو ڏي موڪليو ٿس“

پنهنجو نالو اڏورو ورتائين. فرمايائين ويھ پاڻ گهر ويو. ٿوري دير گذري موٽي آيو ٻہ تہ ٻُسريون هجن ۽ مٿئون مکڻ جو چاڙو رکيل هيس. اجا هڪ ٻُسري کاڌم تہ ڊؤُ ٽي ويو. هٿ ڪڍيم. چيائين کاءُ نہ . سچي واٽ پيو چوندو اچين ٻہ بسريون هجن تہ ڪائي وجان. مون چيو سائين بس مون لاءِ دعا گهرو تہ منهنجي جان ڇٽي. چيائين:

”وڃ مولوي هي دفعو معافي اٿئي اڳتي اهڙو ڪم نہ ڪجانءِ“.

نہ دعا گهريائين نہ ڪي هٿ کنيائين نہ ڪو ٻاڏايائين. بس ائين هٿ سان اشارو ڪيائين وڃ. موٽي ڳوٺ پهتس ٽئين چوٿين ڏينهن تي حاضري هئي. ڪورٽ ۾ آيس پهرين پهرين مون کي سڏ ٿيو. جيڏي مهل ڪورٽ ۾ اندر ويس جج مونکي ڏسي چيو:

”وڃ مولوي هي دفعو معافي اٿئي اڳتي اهڙو ڪم نہ ڪجانءِ“.

اهي لفظ جيڪي مخدوم بصرالدين سيوهاڻي رحمة الله عليه فرمايا هئا. جج جي ججمينٽ جا الفاظ بہ اهي هيا.

منهنجي بابا سائين رحمة الله عليه جن جي استادن جي سلسلي ۾ حضرت مولانا **غلام حسين** دريشاڻي بہ آهن. قلجي اسٽيشن ضلعي دادو جي پاسي ۾ سندن ڳوٺ آهي. هڪ ڏينهن مولانا عبد الله هنگورو جُنگن جي ڳوٺ وارو وٽن آيو تہ اڄ رات هلو تہ پاڻ شريف هلون، اتي سهڻا حبيب ڪريم ﷺ اڄ پاڻ جو ڪوهہ متو ڪرڻ ايندا. پوءِ ٻئي سڳورا گڏجي پاڻ شريف ويا. اتي رات رهيا. پاڻ شريف جيڪو برصغير جو وڏو علمي درسگاهہ ۽ درگاهہ ٿي گذريو آهي، ان پاڻ شريف جي اندر اهو ڪوهہ ڪارو هيو. پاڻي ڪڙو هيو. ان رات کان پوءِ اهو پاڻي مٺو ٿي ويو اڄ تائين بہ مٺو آهي. سبحان الله

ڏاڏا سائين حضرت قاضي خدا بخش رحمة الله عليه حضرت ميان محمود رحمة الله عليه جا مريد هيا. خيرپور ناٿن شاهہ جي پاسي ۾ سندن درگاهہ آهي. پاڻ ذات جا لاڪير هيا. ذات تي ناهي ڏات جو وهي سو لهي.

نئون نِياپو آيو، راڻي مُلان راتِ؛
لَدِيسُون لَطِيفُ چئي، ڪَنان ڏاتَرَ ڏاتِ؛
ڪَهڙِي پُڇين ذاتِ؟ جي آيا، سي اَگهيا.

پاڻ وڏو ڪامل ولي هيو. حضرت قاضي برهان الدين جي درگاهہ تي آيو مريدن کي توجهہ ڏيندي چيائين: اغثني يا رسول الله

سڀ ماڻهن کي وجد اچي ويو. پاسي ۾ جيڪو مريد ويٺو هيو اهو بيهوش ٿي ڪِري پيو. جيڏي مهل هوش آيس تہ پڇيائونس تہ ڇا ٿيو؟ چيائين جنهن

مهل بزرگ هيئن هٿ اڳتي ڪري چيو اغثني يا رسول الله تہ مون هنن اکين سان ڏٺو تہ مديني وارا سائين آيا ۽ حضرت محمود جي هٿ ۾ هٿ ملايائون. جيئن جو جلوو ڏٺم تہ بيهوش ٿي ڪِري پيس.

حضرت محمود سائين ﷫ ڪاڇي جي سفر ۾ هيا. ڏاڏا سائين پيا فرمائن تہ آءُ ساڻن گڏ هيس. پاڻ بچاءُ بند ڪان مٿي ويا تہ اسان بہ چار فقير گڏ هياسين، اسان ٿورو پوئتي رهجي وياسين. هڪ ماڻهو اچي ساڻن مليو. پاڻ ان سان ڏاڍي پيار ۽ محبت سان ڀاڪر پائي مليا. ڪجھ دير پاڻ ۾ ڪچهري ڪندي هليا. اسان آواز ٻڌون پيا پر ڳالھ سمجھ ۾ نہ پئي اچي ڇاتا چون؟ پوءِ اڳيون هڪڙو جهنگ آيو. اهو ماڻهو جهنگ ۾ اندر هليو ويو. پوءِ اسان سائين جن سان وڃي ملياسين پڇيوسون تہ سائين اهو ماڻهو ڪير هيو؟ فرمايائون ابا اهو حضرت شاھ گودڙيو ﷫ هيو. حالانڪہ ڪيس وصال ڪئي زمانو گذري چڪو هيو.

**ڏاڏا سائين ﷫**

ٻڌايو تہ سفر ۾ هلندي پاڻ فتوحل شاھ جي دائري وٽ آيا رات پئجي وئي. فرمايائون رات هتي رهون ٿا سياڻي اڳتي هلنداسين. سخت سردي هئي. سائين جن فرمايو تہ باھ ٻاريو تہ هٿ سيڪيون. سُڪل ڪاٺيون قبرستان ۾ جام پيل هيون پر بزرگ جو چوڻ آهي تہ منهنجي مقام مان ڪو بہ ڪاٺي نہ ڪٽي. جو ڪاٺي ڪٽي تہ ان کي نقصان ضرور ٿئي. ميان محمود سائين مريد کي فرمايو تہ ڪاٺيون ڪٽي اچ تہ باھ ٻاريون هٿ سيڪيون. فقير ويو ڪاٺيون جو ڪنيائين تہ بزرگ جي قبر مان آواز آيو **"هون هون"** . فقير کي

لڳي ڏڪڻي. ڪانيو اتي ڇڏيائين وٺي پوئتي ڀڳو. چئي سائين ڏاڍو جلالي آهي. پاڻ وري ٻئي مريد کي موڪليائون. ان بہ ائين هڙ ڪانين جي ٻڌي ڪٽڻ لڳو تہ وري قبر مان آواز ٿيو ”هون هون“. تہ اهو ڪانيون اتي ئي ڦٽي ڪري واپس آيو. حضرت ميان سائين محمود بہ جلالي بزرگ هوندا هئا پاڻ ڪاوڙ مان اٿيا. وڃي وڏي ڪانين جي هڙ ٻڌائون. ڪٽڻ لڳا تہ وري قبر مان هڪل ٿي هون هون تہ ميان محمود سائين فرمايو:

”ڦِٽـَـڻُ تون هُون، مري ويو آهين تہ بہ لالچ نہ ٿو ڇڏين، اسان ٿا سيءَ ۾ مرون ڪانيون ٻاري هٿ سيڪينداسين تون ڪانين کي ڪندين ڇا؟ مان ڪانيون ڪنيون ٿو وڃان جيڪو ڪرڻو ٿئي سو ڀلي ڪر“.

چوندا آهن: هيرو هيري کي ڪٽي.(Diamond cut s Diamond)

ڪانيون ٻاري هٿ سيڪيائون سومهڻي جي نماز پڙهيائون. رات جو هڪڙو حصو گذريو تہ ڏسن هڪڙو ماڻهو پيو اچي مانين جو ٿهو بہ هجيس چونئري کير جي بہ هجيس. چيائين مان سائين فتوحل شاهہ جو ٻهاريدار آهيان. پاڻ مون کي خواب ۾ آيا فرمايائون منهنجا مهمان آيا آهن. انهن کي ماني کاراءِ. سو هي ماني پچارائي کڻي آيو آهيان. پاڻ فرمايائون يا تہ ڪانيون نہ ٿي ڪٽڻ ڏنائين هاڻي وري دعوت ٿو کارائي. رب پاڪ فرمايو آهي تہ:

وَلَقَدْ كَتَبْنَا فِي الزَّبُورِ مِنْ بَعْدِ الذِّكْرِ اَنَّ الْأَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصَّالِحُونَ

Scanned with CamScanner

۽ بيشڪ اسان ذڪر کان پوءِ زبور ۾ لکي ڇڏيو آهي تہ زمين جا وارث منهنجا صالح ٻانها آهن.

هن زمين جي مٿان الله تعالي پنهنجي دوستن پنهنجي صالح ٻانهن کي اختيار عطا ڪندو آهي. اوهان چوندا تہ فلاڻي جي حڪومت آهي پر حقيقت ۾ رب باد شاهي پنهنجي دوستن ۽ ولين کي ڏئي ڇڏي آهي.

ساري دنيا جا ولي اکين جو نور سڀ شان وارا سڀ عزت وارا آهن، ولين ۾ واه جو منهنجي سنڌ جي ولين کي رب پاڪ شان عطا ڪيو آهي.

## هڪ عورت

ڪنهن بزرگ وٽ آئي. سائين پٽڙو گم ٿي ويو آهي، ڏاڍو ڳوليو اٿئونس نہ ٿو ملي مهرباني ڪيو ڪا دعا گهرو. بزرگ پڇيس امان تنهنجي پٽ جو نالو ڇا آهي؟ چيائين : " سانوڻ " . پاڻ پين پنو گهرائي ان تي لکيائون: "ڪنڌيءَ ڪانهہ سنواريا اجهو سانوڻ آئيو". مائي پنو ڪٺي مس گهر پهتي تہ سانوڻ گهر ويٺو هيو.

ولين جي لفظن کي رب مانُ ڏيندو آهي. ولين جا لفظ فيض وارا هوندا آهن. الله جي دوستن جو لفظ نڪرندو آهي تہ اهو لفظ رب جي تقدير بنجي ويندو آهي.

ڪي وري چوندا آهن تہ ادا جي وليءَ آهن تہ ڏيکاريو ڪٿي آهن؟ ولي اڳي هوندا هئا. هاڻي ڪونهن. ٻڌو نقل آهي تہ پڪ سمجهو ان جو اصل بہ هوندو. پر اسان وٽ هڪ شيءِ ضرور آهي جو بزرگ حياتي ۾ هوندا آهن نہ انهن کي

ماڻهو گهٽ مڃيندا آهن. گذاري ويندا آهن تہ پوءِ قبا ٺاهيندا، پڙ وجهندا. پوءِ انهن جي مٿان ميلا ملهائيندا آهن.

**حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه**

وٽ هڪڙا ماڻهو امتحان وٺڻ خاطر آيا. اهي ذات جا ڪوري هئا. پر وڏا جُبا پائي نمونو بزرگن وارو بنائي سچل سائين وٽ اچي چيائون تہ اسين سيد آهيون. توهان جا مهمان آهيون. سچل سائين اٿي بيٺا انهن جي وڏي خدمت ڪيائون. رات رهيا صبح ٿيو. هڪ ٻئي کي نوڙيون پيا هڻن تہ ڏٺئي سچل وري سرمست . ڪٿي آهن الله وارا. پاڻ ۾ اهي گفتگو پيا ڪن تيسين سائين جن ناشتو ڪٺي آيا. ماني ڪارايون.

سچل سائين کان اجازت گهريائون. پاڻ فرمايائون ابا مان شعر شاعري ڪندو آهيان هڪ شعر ٺاهيو اٿم جي چئو تہ پڙهي ٻڌايان. چيائون ٻڌايو:
پاڻ فرمايائون:

ڪوري آهيو ڪوري ذات جي ڪئي تہ چوري
ڪوري آهيو ڪوري
عيسيٰ موسيٰ نانءُ اوهان جو ويٺل ڳاڙهي موري
ڪوري آهيو ڪوري
کهڙا گمبٽ راڄ اسان جو راٽي پور توڙي
ڪوري آهيو ڪوري

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو آهي تہ :

Scanned with CamScanner

اتقوا فراسة المؤمن فإنه ينظر بنور الله[1]

مؤمن جي فراست کان ڊڄو ڇو تہ اهو الله جي نور سان ڏسندو آهي.

**سيد امير علي شاهہ**

ڪڙيي گنهور وارو حال حيات آهي. مونکي ٻڌايائين تہ مونکي ڪنهن ماڻهو ٻڌايو تہ ماتلي ۾ بزرگ آيو آهي. سو آءُ ڪڙيي کان ماتلي حضرت محبوب الاهي سان ملڻ لاءِ آيس. ماتلي ۾ پهتس، هوٽل تي منهنجو مريد هيو. ان وٽ چانهہ پيتم. ان پڇيو سائين ڪاڏي ٿا وڃو؟ مون چيو ابا ٻڌو ٿم تہ بزرگ آيو آهي دادو کان هتي فضل آباد ۾ سو وڃان ٿو زيارت ڪري اچان. چئي سائين ڪٿي آهن ولي ڪٿي آهن بزرگ اوهان کي ڪنهن ڀلائي وڌو آ. ٿي شاديون اٿس. وليءَ وري ائين ٿيندا آهن ڇا؟

**دوستو!** جي بتي ٻرندي آهي تہ پري تائين روشني هوندي آهي پر پاسي ۾ اوندهہ هوندي آهي. ولين جي پاسي ۾ بہ اڪثر مخالفت ڪرڻ ۾ پورا هوندا آهن.

ڪنديءَ سڪائين ڪانهہ ٻاهر ٻيلا ٻوڙيين
درياهہ تو تي دانهن ڏينديس ڏينهن قيامہ جي

سو شاهہ صاحب چيو تہ آءُ آيس تہ سائين جن اڪيلا اڪيلا ويٺا هجن مان بہ اچي مليس. ويٺس مونکي ڏسي مشڪي فرمايائون تہ شاهہ صاحب الله وارا

---

[1] سنن الترمذي ج: 5 ص: 298، تفسير القرطبي ج: 10 ص: 43

مرد آهن ڪو نامرد ناهن ابا قرآن ۾ مردن کي چئن تائين پرڻجڻ جي اجازت آهي. چئي آءُ پيرن تي ڪري پيس.

**فقير حاجي گل محمد**

اچا جيئرو آهي. الله خوش ڪريس، ان تي خون جو ڪوڙو ڪيس ٿيو. ڪيس هلندي هلندي ڦاهي جي سزا ملي ويس. ڦاهي گهاٽ مان حضرت مرشد ڪريم ﷫ کي خط لکيائين. پاڻ خط جي جواب ۾ لکيائون:

”فقير تون ڦاهي گهاٽ پهتو آهين پر جي ڦاهي جي تختي تي پهچين ها تہ بہ اسان جي دعا توکي اتهون پوئتي موٽائي ايندي. دلگير نہ ٿي“.

پوءِ ائين ٿيو جو آخري تاريخ هجي جج اچي ويٺو تہ فريادي اچي جج جي سامهون رڙ ڪئي تہ گل محمد قمبراڻي منهنجو ڏوهي ناهي ان کي ڇڏيو. جج چيو ڪيس هلي ويو شاهديون ٿي ويون اڄ مونکي فتويٰ ٻڌائڻي آهي. چيائين سائين بس هي منهنجو ڏوهي ناهي جج وڪيل کي چيو تہ هن کي وٺي وڃي چيمبر ۾ سمجهائيس. پر ان چيو ٿيو چا بہ تي پوي اهو منهنجو ڏوهي ناهي. ان ڏينهن ڪورٽ ڪيس باعزت بري ڪيو.

**حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷫**

سندن مزار مٿان لکين رحمتون هجن. ڏانهن ڏسو تہ سنڌ سان ڪيتري محبت رکي ٿو. اڄ اسان جلسي جو عنوان ”جيئي سنڌ“ رکيو آهي تہ ماڻهن جي من ۾ شڪ شبها ٿا پون. ڀٽائي جو رسالو تہ پڙهي ڏسو.

سنڌ کان ٻاهر جي ڪنهن قصي کي نہ ڳايو اٿس. ليليٰ مجنون، هير رانجهو، سيفل ۽ بديعل کي ڳائڻ جي بجاءِ خالص سنڌي ڪردار، مارئي ملير، مومل راڻو، ليليٰ چنيسر ڳايو اٿس. سنڌ تي ٻاهرين بہ حڪومت ڪئي جيئن مغل، ارغون، ترخان وغيرهہ پر پتائي سنڌ جي سخي حاڪمن، ڄام جکري، سمن سومرن کي ساراهيو آهي.

جڪرا جيين شال تنهنجو مدو ڪنين نہ سڻان
جيئن تو اچي ڪالهہ نالائق نوازيون

شاهہ سائين پنهنجي شعرن ۾ نج سنڌي تشبيهون، اشارا ۽ استعارا ڪم آندا آهن. دوستي بہ ديسين سان رکڻ جي صلاح ڏني اٿس. فرمائي ٿو:

ديسِي سيڻَ ڪَجَنِ، پَرَديسِي ڪهڙا پِرِين؟
لَڏِيو لاڏوڻا ڪَيو، پَنهنجي ديسِ وَڃَنِ:
پُڄاڻان پِرِيَنِ، ڪَجي بَسِ پَنيورَ ڪان.

شاهہ سائين ماروي کي ڳايو آهي، ڏيهہ جا ڏٿ ۽ ڏئونرا گولاڙا ۽ گگريون ياد ڪري ٿو. پانڌن ۾ پيرون چونڊڻ جا منظر ڏيکاري ٿو.

وَرُ سي وَطَنَ ڄاڻِيون، صحرا سَتُرُ جنِّ:
گولاڙا ۽ گُگِريُون، اَوڄَڻَ اَباڻَنِّ:
ويڙهيا گُهمَنِ وِلِيين، جهانگِي مَنجِهہ جَهنگَنِّ:
مُون کي مارُوئَڙَنِّ، سُڄَّ ڳَڻائِي سيجَ ۾!

شاهہ سائين مرڻ کان پوءِ بہ وطن جي مٽي ۾ پورجڻ کي ترجيح ڏئي ٿو. ڏيساور جي پَٽَ جي پوشاڪن بجاءِ اباڻي لوئي ۽ کٿي کي ترجيح ڏئي ٿو.

Scanned with CamScanner

واجهائي وَطَنَ کي، ساري، ڏِيان ساهُ؛
بُتُ منهنجو بَندَ ۾، قيدِ مَ ڪريجاهُ؛
پَرَڏيهياڻي پرينءَ ري، ڏارَ مَ ڏَريجاهُ؛
ٿَڌِي وَسائِجانءِ ٿَرَن جي، مِٽي مُئِيءَ مَٿاهُ؛
جي پويون ٿِئي پَساهُ، تہ نِجانءِ مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

واجهائي وَطَنَ کي، ساري، ساهُ ڏِيان؛
هِيُ سِرُ ساڙِيهَ سامُهون، مُنهِنجو نِجِ، ميان!
مُقامِياڻي مارُئين، وَڃِي ٿَرِ ٿِيان!
مُيائِي جِيان، جي وَڃي مَڙهُ مَلِيرَ ڏي.

اسان جي اسلاف کي ڏسو تہ انهن ڪيئن سنڌ سان پيار رکيو آهي. **حضرت مخدوم محمد هاشم ٺٽوي** رحمہ اللہ جي دؤر ۾ هڪڙي پٺاڻ سنڌ ۽ سنڌين جي خلاف هڪ ڪتاب لکيو تہ سنڌ جا ماڻهو چريا آهن موڳا آهن. سنڌ ۾ علم بہ ڪونهي عقل بہ ڪونهي. ان پٺاڻ جي جواب ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمہ اللہ پورو ڪتاب لکيو. مدح نامہ سنڌ. جنهن جو سنڌي ترجمو اسان جي پياري دوست مولانا محمد ادريس ڏاهري مدظلہ العالي ڪيو آهي.

اها قوم پرستي ناهي بلڪ وطن جي محبت آهي. اها محبت دين آهي. وطن جي محبت ايمان آهي. بخاري ۾ حضرت انس رضي اللہ عنہ کان مروي حديث شريف ۾ آهي تہ:

Scanned with CamScanner

عَنْ اَنَسٍ رضي الله عنه اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ كَانَ اذَا قَدِمَ مِنْ سَفَرٍ فَنَظَرَ الىٰ جُدُرَاتِ الْمَدِينَةِ اَوْضَعَ رَاحِلَتَهُ وَاِنْ كَانَ عَلَىٰ دَابَّةٍ حَرَّكَهَا مِنْ حُبِّهَا ①

حضرت انس رضي الله عنه چيو تہ رسول الله ﷺ جڏهن سفر کان واپس ورندا هئا پوءِ مديني پاڪ جي در و ديوار کي ڏسندا هئا تہ وهٽ کي تيز هڪليندا هئا. اگر گهوڙي تي هوندا هئا تہ مديني شريف جي محبت سبب ان کي تکو هلائيندا هئا.

ان حديث جو شرح ڪندي علامہ ابن حجر فتح الباري ۾ لکي ٿو تہ :

وفي الحديث دلالة علىٰ فضل المدينة وعلىٰ مشروعية حب الوطن والحنين اليه ②

ان حديث ۾ مديني جي فضيلت تي دلالت آهي ۽ وطن جي محبت رکڻ ۽ ان لاءِ واجهائڻ جو ثبوت آهي.

روايت ۾ آهي تہ : اصحابي سڳورو اُصيل غفاري رضي الله عنه جڏهن مکي مان مديني شريف آيو ۽ ان کان جڏهن مکي پاڪ جون خبرون پڇيون ويون تہ ان ڏاڍي دلڪش انداز ۾ مکي پاڪ جو ذڪر ڪيو ان وقت حضرت حبيب

---

① رواه البخاري في كتاب الحج واخرجہ الترمذي واخرجہ احمد في مسنده

② انظرفتح الباري شرح صحيح البخاري المجلد 3 الصفحة : 621 وكذا قال مباركفوري في تحفة الأحوذي شرح الترمذي ج: 9 ص: 283

Scanned with CamScanner

ڪريم ﷺ ٻڌي رهيا هئا ۽ سهڻي سردار ﷺ جي مبارڪ اکين مان لڙڪ وهي پيا پاڻ فرمايائون تہ :

”اي اصيل تو اسان کي وطن جون يادگيريون تازيون ڪري ڇڏيون آهن“. ①

مديني واري سائين صلي الله عليہ وسلم جي حديث آهي تہ :

حُبُّ الوَطن مِنَ الإيمان      وطن جي محبت ايمان جي سبب آهي.

ان حديث بابت علماءِ ڪرام جو اختلاف آهي. ڪن چيو تہ اها حديث جُڙتُو آهي. ڪن ان جي توثيق ڪئي آهي. ②

بهرحال وطن سان محبت فطري ڳالهہ آهي. اسان جي سنڌ پيرن فقيرن جي سرزمين آهي. هن وطن جي هر خطي ۾ الله جا عارف آرامي آهن. سبحان الله

---

① شرح الزرقاني ج: 4 ص: 288

② ملا علي قاري مصنوع ۾ چيو تہ ان حديث جو ڪو اصل نہ آهي. ڏسو المصنوع ج: 1 ص: 91 صغاني بہ ان کي موضوعات ۾ شمار ڪيو آهي. عجلوني ڪشف الخفاء ۾ فرمايو ان جي معنيٰ صحيح آهي. ڏسو ڪشف الخفاء ج: 1 ص: 413

انہ لا يحب الوطن الا مؤمن وانما فيہ ان حب الوطن لا ينافي الايمان انتهيٰ ڪذا نقلہ القاري ثم عقبہ بقولہ ولا يخفيٰ ان معنيٰ الحديث حب الوطن من علامة الايمان وهي لا تڪون الا اذا ڪان الحب مختصا بالمؤمن فاذا وجد فيہ وفي غيره لا يصلح ان يڪون علامة قولہ ومعناه صحيح نظرا اليٰ قولہ تعاليٰ حڪاية عن المؤمنين وما لنا الا نقاتل في سبيل الله وقد اخرجنا من ديارنا (عجلوني ڪشف الخفاء ج: 1 ص: 414)

Scanned with CamScanner

اھو بہ ڪو دؤر ھيو جو ھڪ وقت وڏا وڏا اولياءَ گڏ ھوندا ھئا انھن جون پاڻ ۾ ملاقاتون ٿينديون ھيون.

**شاھہ عبداللطيف ڀٽائي** رحمة الله عليه ۽ سلطان الاولياء خواجہ محمد زمان لنواري وارا ھڪ دؤر ۾ ھئا. ھڪ ڀيري ڀٽ ڌڻي بادشاھہ خواجہ صاحب سان ملڻ لاءِ لنواري شريف ويا. مريد کي فرمايائون:

ابا وڃ ڏسي اچ تہ سائين جن فارغ ھجن تہ ھلي مِلون. مريد ڏسي موٽي آيو. چيائين سائين پاڻ مراقبي ۾ گردن جھڪايون ويٺا آھن. فرمايائون ابا انھي مشغولي مان قيامت تائين واندو ڪونہ ٿيندو ھلو ھلي ملئونس. جڏھن اندر آيا تہ حضرت سلطان اولياءَ گردن جھڪايون ويٺا ھئا. ڀٽائي جي نظر جڏھن سندن چھري تي پئي تہ چيائين:

سامي سفر ھليا ڪوھہ پروڙي پنڌ
جن ھيٺاھان ڪنڌ آئون نہ جيئندي ان ري

تہ لنواري واري سائين گردن مٿي ڪري فرمايو:

ڪين آھين ڪين نہ تي وڃي ڪين ڪماءِ
لاڳاپا لوڪ جا لا سين سڀ لھراءِ
تھان پوءِ ٿيندياءِ ڳُجھہ پِريان جي ڳالھڙي

تڏھن ڀٽائي دانھن ڪئي:

قلم وھي ويو ڪاھہ سرتيون ڪنھن سھاڳ لئي
انگ اتي ئي لکيو جت نہ پھچي ٻانھن
ڪنھن کي ڏيان دانھن قضا قلم وھائيو

سبحان الله سائين تقدير لکجي وئي قلم وهي ويو هاڻي ڇا ٿيندو جيڪا لک پڙهه هئي سا ٿي وئي. لنواري واري سائين فرمايو:

ويهه وجي وٽ تن قلم جني جي هٿ ۾
ميٽي انگ اڳيان واري ٻيا لکن
پنو سو پاڙهن جنهن ۾ پسڻ ٿئي پرين جو

وچ انهن الله وارن سان ويهه جن جي هٿن ۾ تقديرن جا قلم آهن انهن وٽ وڃي ويهه نگاهه ڪٽندا ويندا تنهنجو تقديرون تبديل ٿي وينديون.

**او منهنجا ادا** اگر سنڌ سان محبت اٿئي ۽ "جيئي سنڌ" جو نعرو ٿو هڻين تہ سنڌ جو خير خواهه ٿيءُ. اهو نعرو پنهنجي پيٽ پالڻ جي لاءِ نہ هڻ. پنهنجي وطن سان محبت سِکڻِي اٿئي تہ اچ عالمن وٽ. اچ فقيرن وٽ جيڪي سنڌ سان سچي محبت رکن ٿا. ڪنهن فرمايو آهي تہ:

ويهه وجي وٽ تن جيڪي ويهي ٿا چاڻن
ويهه نہ ساڻ ٻين متان ويهي وقت وڃائين
هل تني سان هل جيڪي هلي ٿا چاڻن
هل ساڻ ٻين متان هلي حال وڃائين

اڄ جو نوجوان نسل؛ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهڻ وارِي نئين ٿهي جا جوانَ، غلط فڪر ۽ غلط مفڪرن جي وَر چڙهي ويا آهن. اهي مسلمانن کي غاصب ۽ لُٽيرا سڏن ٿا ۽ راجا ڏاهر کي محب وطن سڏن ٿا. چون ٿا راجا ڏاهر اسان جو هيرو هيو ۽ مسلمان لٽيرا بنجي آيا.

**عزيزان گرامي** ياد رکو هي جو ڪجهہ اوهان ٻڌو سو سڀ اسلام جي برڪت سان آهي. سنڌ ۾ جيڪو نور ۽ سرور آهي سو سڀ اسلام جي دم قدم

Scanned with CamScanner

سان آهي. مسلمان سنڌ ۾ آيا تہ سنڌ ڌرتي کي انهن امن ۽ سڪون جو مرڪز بنايو. محمد بن قاسم جو سنڌ ۾ اچڻ الله جي رحمت جو ڪڪر بنجي وسڻ هيو.

**عربن جا سنڌ ۾ اچڻ جا سبب**

عربن جو اچڻ سنڌ جي لاءِ الله جي عظيم نعمت هئي. عرب سنڌ ۾ آيا غاصب بنجي نہ آيا لٽيرا بنجي نہ آيا جيئن بعض ماڻهن جو خيال آهي. پر اهي حق ۽ سچ جو پيغام کڻي آيا. اڄ چوڏهن سئو سالن کان پوءِ ويهي ڪي ماڻهو اُلٽيون ڳالهيون ٿا ڪن.

ان وقت جا جيڪي سنڌ جا رهواسي هئا اهي تہ جڏهن محمد بن قاسم موٽيو پي ويو تہ اوڇنگارون ڏئي رنا هئا. انهن جي گهوڙن کي چنبڙي پيا هئا تہ اوهان سنڌ ڇڏي نہ وڃو. انهن تہ محمد بن قاسم کي پنهنجو نجات دهنده پئي سمجهيو.

چچ نامو پڙهي ڏسو. سنڌ جي پراڻي تاريخ کولي ڏسو تہ عربن سنڌ کي ڇا ڏنو؟ پهلا جيڪڏهن عرب سنڌ ۾ حملہ آور ٿي آيا تہ ايئن ڪونہ آيا هئا. ان جي پويان بہ ڪي جائز اسباب هيا.

**ڪن کولي ٻڌو نوجوانو!** توهان جي ذهنن ۾ ڇا کان ڇا ڀريو پيو وڃي؟ نوجوان نسل اسلام کان بيزار ٿيندو ٿو وڃي مسلمانن کي غاصب ۽ لٽيرو سڏيندي انهن کي ڪجهہ حياءُ بہ نہ ٿو اچي. پر ياد رکو اگر حقيقت واري نظر سان ڏنو وڃي تہ عربن جو سنڌ ۾ اچڻ محمد بن قاسم جو سنڌ ۾ اچڻ حق بجانب هيو. اهي ظلم سان نہ آيا هئا، قبضي ڪرڻ جي لاءِ نہ آيا هئا پر

مظلومن جي داد رسي ڪرڻ آيا هئا. آءُ ڪجهه حقيقتون اوهان کي ٻڌايان. ذرا ذهنن کي حاضر ڪيو.

**پهريون سبب**

نبي ڪريم ﷺ جي دؤر ۾ ايرانُ، ان وقت جي وڏي فوجي قوّت هيو. اسلام جو اعلان ٿيو ته ايرانَ مسلمانن سان جنگ جوٽي ۽ جڏهن ايرانين مسلمانن سان جنگ پئي ڪئي ته سنڌي ماڻهو ايرانين سان گڏ مسلمانن سان لڙي رهيا هئا.

جيئن ته ايران ۽ سنڌ پاڻ ۾ پاڙيسري ملڪ هئا. انهن جون پاڻ ۾ وقتاً فوقتاً جهڙپون به ٿينديون رهنديون هيون. ڪڏهن صلح ته ڪڏهن جنگ جي نوبت رهندي هئي. ڪڏهن هڪٻئي جي حمايت ڪڏهن بغاوت ڪندا هئا.حضرت نبي ڪريم ﷺ جڏهن هجرت ڪري مديني شريف آيا ۽ جڏهن جنگين جو سلسلو شروع ٿيو ته ان وقت سنڌي ايران سان ٺاهه ۾ هئا. اهو هيئن ٿيو جو ايران ٻيڙن جي ذريعي سنڌ جي ڪناري تي حملو ڪيو. جنهن جي نتيجي ۾ گهڻا ئي سنڌي گرفتار ڪري ويا. جڏهن مسلمانن ۽ ايرانين جي جنگ شروع ٿي ته ايرانين سنڌ وارن سان ان شرط تي ٺاهه ڪيو ته هو مسلمانن جي مقابلي ۾ سندن ساٿ ڏيندا. جنگ کٽڻ بعد قيدين کي آزاد ڪيو ويندو ۽ انهن کي انعام اڪرام به ڏنا ويندا.

سنه 633 ع ۾ غزوه ذات السلاسل (زنجيرن واري جنگ ) ۾ انهن سنڌي قيدين جي پيرن ۾ زنجير پيل هئا ته جيئن ڀڄي نه وڃن. اهي ايرانين سان گڏ معاهدي مطابق مسلمانن سان لڙي رهيا هئا. ان جنگ ۾ ايراني سالار

هرمز مارجي ويو. مسلمانن کي سوپ ملي تہ ڪجھ سنڌي جاٽ مسلمانن جي قيد ۾ آيا جن اسلام کان متاثر ٿي خوشيءَ سان اسلام قبول ڪيو. هاڻي جڏهن دشمن سان گڏجي ڪو مقابلي آور ٿئي ۽ اهو دشمن مغلوب ٿي وڃي تہ انهن تي حملي ڪرڻ لاءِ مسلمان حق بجانب هيا ڇو تہ سنڌ وارن ايران وارن سان گڏجي مسلمانن سان لڙائي ڪئي هئي. ان ڪري مسلمانن جو حملو ڪرڻ حق بجانب هيو.

**ٻيو سبب**

خليفہ ثاني حضرت سيدنا فاروقِ اعظم رضي الله عنه جي دؤرِ خلافت ۾ جڏهن قادسيہ جي جنگ لڳي، جيڪا ٽي ڏينهن لڙي وئي هئي تہ ان جنگ ۾ سنڌ جي راجا پنهنجي فوج ايران جي مدد ۾ موڪلي هئي. سنڌ جي راجا جو هاٿين جو لشڪر مسلمانن جي مقابلي جي لاءِ اتي پهتو هيو. ان ۾ سنڌ جي راجا جو ذاتي سفيد رنگ جو هاٿي بہ موڪليو هيائين ۽ حضرت ابو عبيده بن جراح اسلام جو سالار هيو ۽ ايرانين جي لشڪر جو اڳواڻ رستم هيو. ان لڙائي ۾ مسلمانن کي جيڪو وڏيڪ نقصان پهتو هيو ان سنڌ وارن هاٿين جي سبب. پوءِ جڏهن ايران فتح ٿي ويو تہ مسلمان حق تي هيا تہ سنڌ تي حملو ڪن پر مسلمانن پوءِ بہ حملو نہ ڪيو. [1]

**ٽيون سبب**

---

[1] ڏسو مولانا اڪبر نجيب آبادي جو ڪتاب "آئينہ حق نما".

ڏسو نئين زندگي پندرهين صدي هجري نمبر ۾ سنڌ کي اسلام ڇا ڏنو؟ ليکڪ محمد موسيٰ ڀٽو.

Scanned with CamScanner

جڏهن فاروقِ اعظم رضي الله عنه جي دؤر ۾ مڪران فتح ٿيو ۽ اتي مسلمانن جي حڪومت قائم ٿي، ان وقت بہ سنڌين ايرانين سان ملي مسلمانن سان جنگ ڪئي هئي. انڪري مسلمانن کي پنهنجي دفاع ۾ سنڌ تي حملو ڪرڻ جو حق حاصل هيو.

**چوٿون سبب**

سنڌ جي راجا ڏاهر مسلمانن جي باغي محمد علافي کي ان جي ساٿين سميت پناهہ ڏني هئي. اهو هن طرح جو علافي عربن جو طاقتور قبيلو هيو. سنہ 75 هہ ۾ جڏهن مڪران ۾ اسلامي حڪومت قائم ٿي تہ سعيد بن اسلمہ ڪلابي کي گونر مقرر ڪيو ويو.

ان کي محمد بن حارث علافي قتل ڪيو. قتل ڪرڻ بعد ان جي ڪل لاٿي وئي ان مسلمان گونر جي لاش جي بہ بي حرمتي ڪئي وئي. ان ڏکوئيندڙ صورتحال کي ڏسي حجاج بن يوسف محمد بن هارون کي لشڪر ڏئي موڪليو تہ اهو علافين جي فتني کي دفع ڪري. ان جي نتيجي ۾ علافين کي شڪست آئي ۽ محمد علافي پنهنجي پنج سئو ساٿين سميت سنڌ جي راجا ڏاهر وٽ اچي لِڪو. راجا ڏاهر نہ صرف ان ڌوهاري کي پناهہ ڏني پر ان کي پنهنجي مقربن مان بنايائين. ان سان گڏ جيڪي پنج سئو عرب ويڙهاڪ هئا انهن کي پاڻ وٽ عهدن تي رکيائين. مسلمانن سان لڙائي جي سڄي منصوبہ بندي راجا ڏاهر پاران انهن علافين ڪئي هئي.

مسلمانن جي علائقي جي هڪ گونر جي قاتل کي پناهہ ڏيڻ ۽ ان کي مسلمانن جي خلاف آلہءِ ڪار بنائڻ ڪٿان جو انصاف آهي. ان ڳالهہ جي

ڪري بہ مسلمانن ڪي سنڌ تي حملي ڪرڻ جو پورو حق حاصل هيو. پر پوءِ مسلمانن سنڌ تي ڪاهہ ڪا نہ ڪئي.

**پنجون سبب**

سرنديپ ۽ ملبار جي علائقن ۾ ڪيترائي مسلمان آباد هئا. لڪديپ ۽ مالديپ جا جزيرا بہ مسلمان ٿي چڪا هئا. سرنديپ جو حاڪم بہ مسلمان بڻيو هيو. ان مسلمانن جي خليفي سان تعلقات وڌائڻ لاءِ آٺن جهازن جو بحري قافلو اسلام جي مرڪز ڏانهن روانو ڪيو. ان ۾ قيمتي تحفا تحائف هئا. ان قافلي ۾ سرانديپ ۾ آباد عرب بہ حج جي سعادت ماڻڻ لاءِ نڪتا هئا. جيڪي عرب واپاري اتي فوت ٿي ويا هئا انهن جون بي واهون ۽ يتيم ٻار بہ ان قافلي ۾ هئا. جهازَ جڏهن بحر عمان ۾ داخل ٿيا تہ سمنڊ ۾ وڏو طوفان آيو. مخالف هوا ان بحري ٻيڙن ڪي بي قابو ڪري ديبل جي بندر تي آڻي پهچايو. ديبل ۾ سنڌ جي راجا جو گونر هيو. سنڌ جي ساحل تي ان مسافر بحري جهازن ڪي لٽيو ويو. نياڻين ڪي ڦُريو ويو. ماڻهن ڪي قيدي بڻايو ويو. اهي تحفا ۽ سوکڙيون جيڪي سرنديپ جي حاڪم موڪليون هيون انهن تي قبضو ڪيو ويو. انهن منجهان هڪڙي عورت رڙ ڪئي تہ "ياحجاج ادرڪني ياحجاج اغثني" اي حجاج بن يوسف منهنجي مدد ڪر اي حجاج بن يوسف داهن ٻڌ. ان لٽيل قافلي مان هڪ ماڻهو سر بچائي ڀڄي نڪتو ان وڃي عرب ۾ سربستي ڳالهہ ڪئي. پوءِ ٻڌاءِ تہ مسلمانن جو حق هيو يا نہ جو اهي سنڌ تي حملو ڪن. جهازن مان جيڪي ماڻهو قيد ڪيا ويا هئا. جڏهن محمد بن قاسم لشڪر وٺي آيو، سنڌ فتح ٿي تہ اهي قيدي جيڪي ٻيڙي ۾ ڦريا ويا هيا

الور جي بادشاهي جيل خاني مان هٿ ڪيا ويا هئا. تہ پوءِ مسلمان اڇڻ ۾ حق بجانب هيا يا نہ؟[1]

جڏهن مسلمان آيا تہ غاصب بنجي نہ آيا مسڪين نياڻي جي مدد جي لاءِ آيا ۽ راجا ڏاهر برهمڻ هيو ۽ ان وقت ۾ هتي جيڪي ٻڌ مت جا پوڄاري بڪشو فقير درويش رهندا هيا انهن کي راجا ڏاهر جي حڪومت جو حڪم هيو تہ ڪو بہ ريشمي ڪپڙو نہ پائي.

نہ ڪو سنو ڪپڙو پائي. هڪڙي پراڻي چادر ويڙهيو. برهمڻن سان گڏ رستي تي نہ هلو. ڇو اهي انسان نہ هيا ڇا؟ برهمڻ پاڻ کي وڏو سمجهندا هيا ۽ ٻڌ مت وارن کي ذليل ۽ خوار سمجهندا هيا. پر مديني واري مير ﷺ جي تعليم تان قربان وڃجي، جنهن شاهہ و گدا کي هڪ صف ۾ بيهاريو.

ایک ہی صف میں کھڑے ہوگئے محمود وایاز نہ کوئی بندہ رہا نہ بندہ نواز

جڏهن اسلام آيو تہ اها تفريق ختم ٿي. انهن مسڪينن کي بہ جيئڻ جو حق مليو. انهن غريبن سان بہ برابري جو سلوڪ ٿيو.

**دوستان محترم !**

محمد بن قاسم ٻارهن هزار فوج ساڻ وٺي آيو هيو. انهن مان بہ ٽي هزار تہ شهيد ٿي ويا. محمد بن قاسم موٽيو تہ چند ساٿين سان واپس وريو هيو. باقي لشڪر جو واپس موٽڻ ثابت نہ آهي. اهي هتي رهيا هتي وفات ڪيائون.

---

[1] آئينہ حق نما مولانا اڪبر نجيب آبادي ❊ تاريخ سنڌ ج 1 ص 199 ، 200 مصنف اعجاز الحق قدوسي ❊ عرب اور هند کي تعلقات سيد سليمان ندوي.

عرب هتئون جي دولت لٽي ڪٽي ڪونہ ويا انهن سنڌ کي اڃي گهڻو ڪجهہ ڏنو.

مسلمانن جي اچڻ سان هتي ڇا ٿيو؟ امن ٿيو، سڪون ٿيو، هتي علم جا دروازا کليا. سنڌ باب الاسلام بڻي. گلي گلي ۾ الله جي توحيد جو نعرو گونجيو. مدرسا کليا تان جو اهڙو دؤر آيو جو پوري سنڌ ۾ گهر گهر مدرسو بنجي ويو. گهر گهر دارالعلوم بنجي ويو. هر جاءِ تي اسلام جي پرچار ٿيڻ لڳي.

جي عرب نہ اچن ها ! جي مديني واري سائين جا غلام نہ اچن ها تہ اسان سنڌين جو حال ڇا هجي ها؟ هڪڙو مثال هي توکئون پري ڪونهي ڀنڀور جو قتل شهر ڏسي اچ . اتي عجائب گهر ٺهيو پيو اٿئي اها پراڻي تهذيب وڃي ڏسي اچ اتي لُنگ ديوتا رکيو آهي. مرد جو عضوو ٺهيو پيو آهي. هندو ان جي پوڄا ڪندا هيا. ادا جي اسلام نہ اچي ها تہ اسان بہ لنگ ديوتا جا پوڄاري هجون ها . انهن وٽ انسانيت جي تميز نہ هئي پر اسلام اچي سڀ ڪجهہ سيکاريو. اسلام اچي انهن کي رواداري سيکاري. عدل سيکاريو. ايمان سيکاريو. رب جي توحيد سيکاري. مسلمان لٽيرا ناهن پر مسلمان سنڌين جا محسن آهن. عربن جا سنڌين جي مٿان وڏا احسان ۽ وڏا ٿورا آهن. اهو راجا ڏاهر جنهن کي پنهنجي ڀيڻ جي تميز نہ هئي. جنهن وٽ پنهنجي ماءُ جي تميز نہ هئي. ان جو نالو ٿو تون پٽ تي رکين. نالو رکين تہ محمد بن قاسم رک.

تون پنهنجي پٽ جو نالو عمر رک علي رک حيدر رک

**دوستو** اسلام جي اچڻ سان سنڌ کي اها نعمت ملي جو الحمد لله اڄ سنڌ باغ بهار آهي. سنڌ جي گلي گلي نگر نگر ان عربن جي اچڻ جي اها رونق اڄ بہ برقرار آهي. اڄ تائين بہ جيڪي هي سنڌ جا قبائل آهن انهن ۾ ڪنهن نہ ڪنهن صورت سان عربن جو فيض اڄ بہ جاري آهي.

منهنجي حبيب جي غلامن اچي هن خطي کي مصطفوي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو. هندن جا ڇا عقيدا هئا؟ اهي پنهنجي نياڻين کي ڪالي ديوي جي قدمن تي قربان ڪري ڇڏيندا هئا. اهي ڪاٺ ۽ پٿر جي مورتين اڳيان جهڪيل هئا. انهن ۾ سَتي جو رواج هيو. جيئري نياڻي کي باهہ ۾ ساڙي ڇڏڻ ڪيڏو نہ وڏو ظلم آهي. پر اسلام اچي انهن سڀني غلط رسمن جي پاڙ پٽي. اڄ نوجوانن جي ذهن ۾ ردي فڪر ڀريو پيو وڃي. غليظ ۽ گندو فڪر ڀريو پيو وڃي. ان فڪر مان خدا جي واسطي پنهنجي ٻچن کي بچايو. پنهنجي اولادن کي بچايو ان گندي فڪر کان فڪر اهو هجي جيڪو مديني واري سائين جو هجي. ها ڪيڏو نہ سهڻو فڪر آهي ڪيڏو نہ پاڪيزه فڪر آهي اسلام جو:

عن الحسن قال تفكر ساعة خير من قيام ليلة [1]

هڪڙي گهڙي جو فڪر ساري رات جاڳي عبادت ڪرڻ کان ڀلو آهي.

**هڪڙو ماستر** شاگردن کي ليڪچر پيو ڏئي تہ : ڇوڪرا هي ڇا آهي؟ ڇياڻون سائين اها ٽيبل آهي. ڇيائين ڏسو ٿا؟ ڇياڻون هائو سائين ڏسون ٿا. ابا هي ڇا آهي سائين اها ڪرسي آهي. ڏسو ٿا؟ هائو سائين ڏسون ٿا. ابا هي

---

[1] مصنف ابن ابي شيبة ج: 7 ص: 190

ڇا آهي؟ سائين اها ٽيبل آهي. پلا ڏسو ٽا؟ هائو سائين ڏسون ٽا. هي ڇا آهي ڇئي هي ڪرسي آهي. پلا ڏسو ٽا؟ هائو سائين ڏسون ٽا. "الله" ڏسو ٽا؟ سائين ڪونہ ٽا ڏسون. ماستر چيو هجي تہ نظر اچي. جا شيءِ آهي سا نظر اچي ٿي جا شيءِ آهي ئي ڪونہ سا نظر ڪيئن ايندي؟ الله هجي تہ نظر اچي. شاگردن ۾ هڪ سياڻو هيو. ان چيو استاد صاحب! ٿورو مونکي موڪل ڏيندئو تہ مان بہ ٽي لفظ ڳالهايان. چيائين هائو. ڇوڪرو اٿي بيٺو. پين ڇوڪرن کي سڏي چيائين : بابا ڏيو خبر سائين فرمائي ٿو جا شيءِ هوندي تہ نظر ايندي. نہ ٿي نظر اچي تہ ان جو وجود ناهي.

پلا ڏيو خبر اسان واري سائين ۾ عقل آهي؟ عقل نظر اچيوَ ٿو؟ ڇوڪرن چيو اسان ڪونہ ٿا ڏسون. ڇئي سائين ۾ عقل آهي ئي ڪونہ هجي تہ نظر اچي. استاد صاحب هينئر خود اهو فارمولو ٻڌايو آهي تہ جا شيءِ نظر نہ ٿي اچي تہ معنيٰ ان شيءِ جو وجود ئي ناهي. پوءِ اهو ڏاڍو شرمندو ٿيو.

**او منهنجا ادا** هي جيڪو نوجوان نسل جي ذهن ۾ ٻـھُـ پريو ٿو وڃي، ان بوسي کان پاڻ کي بچايو. الله وارن جي صحبت ۾ ويهو. صالحن جي سنگت ۾ ويهو. عالمن جي صحبت ۾ ويهو. جتئون فڪرِ مصطفيٰ (ﷺ) ملندو آهي. جيڪڏهن سنڌ سان محبت آهي تہ سنڌ جا اهي روشن مينار جن وٽان علم ۽ فهم ديني ملي ٿو انهن جي صحبت ۾ وڃو. انهن جي ڪتابن کي پڙهو.

مون عرض پئي ڪيو تہ سنڌين سان مديني واري سائين ﷺ جو پيار آهي. اسان جي سنڌ جو سهڻو سائين مخدوم محمد هاشم ٺٽي وارو مدينہ منوره پهتو. جيڏي مهل گنبدِ خضراءَ جي سامهون مواجہ شريف جي

اڳيان آيو. سلام ڪيائين : الصلواة والسلام عليک يا رسول الله تہ مزارِ انور منجهان آواز آيو وعليک السلام يا محمد هاشم !

ان وقت ڪو پيو ماڻهو بہ بيٺو هيو ان جو نالو بہ محمد هاشم هيو. ان چيو مونکي جواب مليو آهي. چياءُون وري ٿا سلام ڪيون. اول ان سلام ڪيو. سلام جو جواب ضرور مليو هوندو پر هنن کي ٻڌڻ ۾ نہ آيو. وري هن ٻئي واري سائين چيو الصلواة والسلام عليک يا رسول الله تہ مزار انور منجهان جواب آيو وعليک السلام يا محمد هاشم التتوي

او ٺٽي وارا محمد هاشم تو تي بہ سلام هجي.

**او منهنجا پرين پيارا**

الله وارن سان نسبت رکو صالحن جي صحبت ۾ ويهو اڄ هر پاسي فتنن جي باهہ ٻرڪي رهي آهي، انهن فتن کان بچڻ جي جاءِ آهي صالحن جي صحبت ۽ سنگت. جن صحبت جي اندر روحاني غذا ملندي آهي. حقيقي محبت ۽ معرفت لذت ۽ چاشني الله وارن جي صحبت ۾ ملندي آهي. ان صحبت ۾ ويهو جتي وسريو رب ياد اچي وڃي. جتي مديني واري سائين جي در جي غلامي نصيب ٿي وڃي. جتي فسق ۽ فجور کان گناهن ۽ برائين ۽ بيحيائين کان ڇوٽڪارو ملي وڃي. مصطفيٰ ﷺ جي در جي غلامي ملي وڃي ۽ سنڌ جي عالمن وارو فڪر توهان جي ذهن دل قلب ۽ باطن ۾ پيدا ڪرڻ چاهيو ٿا تہ الله وارن جي صحبت ۾ ويهو.

**حضرت پير سائين روضي ڌڻي** رحمة الله عليه لکين رحمتون هجن سندن مزار مٿان. پاڻ وينا هجن. فرمائن پيا تہ ابا اسان جو مريد ڪٿي ڪٿي بہ هجي سڏيندو آهي

تہ اسان ڪي خبر پئجي ويندي آهي. اسين ان جي مدد ڪندا آهيون تہ هڪڙو فقير مجلس ۾ ويٺو هيو جيڪو رڻ ڪڇ جو رهاڪو هيو. اهو پيو دل ۾ سوچي ڪٿي مان ڪٿي سائين جن. اتي سائين جن ڪيئن منهنجي مدد ڪندا؟ اجا دل ۾ خيال آيس تہ سائين جن ان فقير ڏانهن نهاري فرمايو فقير ڪڇ تہ هيءَ آهي. اسان جي هٿ جي رسائي تہ اجا اڳتي تائين آهي. رب ڪريم منهنجو چورڻ توهان اسان جو ٻڌڻ پنهنجي بارگاهہ ۾ قبول ۽ منظور فرمائي. شال اسان سڀني کي مديني واري سائين جي در جي سچي غلامي نصيب فرمائي حياتي جا پساهہ شل حبيبن جي در جي غلامي ۾ پورا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.
وما علينا الا البلاغ

Scanned with CamScanner

